# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1974
# سنڌ (قانونن جي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH (AMENDMENT OF LAWS) ORDINANCE, 1974
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. ترميمون
Amendments

3. درخواستن جي منتقلي وغيره
Transfer of appeals, etc

4. پراجيڪٽن جي جاچ
Inspection of projects

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of 1972

شيڊول
Schedule

وفاقي ايڪٽس جيئن سنڌ ۾ لاڳو ٿيندا
Federal Acts as applicable to Sindh

سنڌ ايڪٽس ۽ آرڊيننسز

Sindh Acts and Ordinances

اولهہ پاڪستان ايڪٽس ۽ آرڊيننسز

West Pakistan Acts and Ordinances

خيرپور ايڪٽس

Khairpur Acts

پنجاب ايڪٽس

Punjab Acts

اين ڊبليو ايف پي ايڪٽس

N.W.F.P Acts

صدارتي حڪم

President's Order

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1974
# سنڌ (قانونن جي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH (AMENDMENT OF LAWS) ORDINANCE, 1974

[22 آڪٽوبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪمشنرن کي اختيار ڏيڻ لاءِ سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لائق ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪمشنرن کي اختيار ڏيڻ لاءِ سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لائق ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ (قانونن جي ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

ترميمون

2.بشرطيڪ جيستائين تفصيلي بيان نه ڪيو وڃي، شيڊول ۾ ڄاڻايل ايڪٽس ۽ آرڊيننسز ۾ اهڙيءَ ريت ترميم ڪئي

Amendments

ويندي جيئن چوٿين ڪالم ۾ ڄاڻايو ويو آهي ۽ قائدا، ضابطا، بائي لاز، نوٽيفڪيشنز ۽ حڪم ڪيا ۽ ان سلسلي ۾ جاري ڪيا وڃن، اهي لاڳو ٿيندا ۽ ضروري تبديلين سان جيستائين انهن کي تبديل ڪيو منسوخ ڪيو يا ترميم ڪيو وڃي.

درخواستن جي منتقلي وغيره
Transfer of appeals, etc

3.هن آرڊيننس لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ روينيو ڪمشنر جي سامون ڪا اپيل، نظرثاني جي درخواست يا ٻيو ڪو التوئي ۾ ڪيس دائره اختيار رکندڙ ڪمشنر ڏانهن منتقل ٿي ويندو ۽ ان طرفان نيڪال ڪيو ويندو.

پراجيڪٽن جي جاچ
Inspection of projects

4.ڪمشنر ڪري سگهي ٿو:

(i)ساليانی ترقياتي پروگرام يا ڪنهن لوڪل اٿارٽي جي سهڪار سان ڪنهن پراجيڪٽ جو معائنو يا جاچ؛

(ii)ڊويزن اندر ان سلسلي ۾ آفيسر انچارج کان اهڙي پروجيڪٽ سان لاڳاپيل ڪا معلومات، رپورٽ يا رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿو.

وضاحت: هن دفعہ تحت مليل اختيار ڪمشنر کي ان لاءِ بااختيار نہ بڻائيندا تہ اهو انتظامي يا مالياتي معاملن ۾ ڪا هدايت يا حڪم جاري ڪري.

1972 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of 1972

5.سنڌ (قانونن جي ترميم) آرڊيننس، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

شيڊول
Schedule

**شيڊول**
**Schedule**

وفاقي ايڪٽس جيئن سنڌ ۾ لاڳو ٿيندا
Federal Acts as applicable to Sindh

| سال | نمبر | مختصر عنوان يا مضمون | ترميمون |
|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 |
| | | **وفاقي ايڪٽس جيئن سنڌ ۾ لاڳو ٿيندا** | |
| 1861 | V | پوليس ايڪٽ، 1861 | دفعہ 15_A جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "طرفان" ۽ "صوبائي حڪومت" وچ ۾ لفظ "ڪمشنر يا" شامل ڪيا ويندا. دفعہ 33_A جي ذيلي دفعہ (3) ۾ "صوبائي حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. |
| 1894 | I | زمين طلبي ايڪٽ، 1894 | دفعہ 5 ۾ لفظن "جتي" ۽ "هڪ" وچ ۾ "زمين عوامي مقصد لاءِ حاصل ڪئي وئي آهي، جيڪڏهن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪمشنر، ۽ جتي زمين ڪمپني لاءِ حاصل ڪيئ وئي آهي.” شامل ڪيا ويندا.<br>دفعه 5-A، 6(3)، 7، 17(4)، 31(3)، 35(1)، 36(2)، 38(1)، 39، 40، 41، 49(2) ۽ 49(3) ۾ “صوبائي حڪومت” لاءِ “ڪمشنر” متبادل ٿيندو.<br>دفعات 17(4)، 41 ۽ 49(2) ۾ “اهو” لاءِ “هي” متبادل ٿيندو.<br>دفعه 6 جي ذيلي دفعه (1) ۾ “صوبائي حڪومت” لاءِ “ڪمشنر” متبادل ٿيندو ۽ “اهڙي حڪومت جو سيڪريٽري” لاءِ “ڪمشنر” متبادل | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٿيندو.<br>دفعہ 17 ۾:<br>(i)ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ ۽ ڪاما “تڪ،” ۽ لفظ “ڪليڪٽر” وچ ۾ “جڏهن ڪمشنر ايئن هدايت ڪري” شامل ڪيا ويندا.<br>(ii)ذيلي دفعہ (1) جي شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>“بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ تحت ڪمشنر ڪليڪٽر ڪي ڪا هدايت جاري نہ ڪندو جيستائين حڪومت جو ڪاتو، لوڪل اٿارٽي يا ڪمپني، جيئن معاملو هجي، جنهن جي لاءِ زمين خريد | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | كئي پئي وڃي، ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان دفعات 23 ۽ 24 جي گنجائشن ڪي نظر ۾ رکندي اهڙي زمين جي طلبي لاءِ طئي ڪيل ڪٽيل رقم اڳوات جمع ناهي ڪرائي.”؛ (iii)ذيلي دفعه (2) ۾ لفظن “ضروري” ۽ “حاصل ڪرڻ” جي وچ ۾ “ڪمشنر لاءِ” شامل ڪيو ويندو ۽ لفظن، ڏنگين ۽ انگ “ذيلي دفعه (1)” ۽ لفظن “۾ داخل ٿيڻ” وچ ۾ “حڪومت جي اڳوات منظوري سان” شامل ڪيا ويندا. |
| 1896 | XX | سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽس | دفعه 31 ۾: (i)ذيلي دفعه (1) ۾ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ايڪٽ، 1896 | "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>(ii)ذيلي دفعه (1) کانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:<br>"(2) ڪمشنر جي فيصلي خلاف ڪا به اپيل نه ڪئي ويندي."." |
| 1897 | X | عام شقون ايڪٽ، 1897 | دفعه 3 ۾، شق (12) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>"(13) 'ڪمشنر' جو مطلب هوندو هڪ ڊويزن جي روينيو ايڊمنسٽريشن جو چيف آفيسر انچارج ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهڙي ڊويزن جو ايڊيشنل ڪمشنر."." |
| 1952 | XI | لينڊ ڪنٽرول (ڪراچي | دفعه 2 ۾:<br>(a)شق (ii) ۾، |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ڊويزن) ايڪٽ، 1952 | "صوبائي حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>(b)شق (iii) ڪانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:<br>"(iii_a) 'ڪمشنر' مطلب ڪراچي ڊويزن جو ڪمشنر."؛<br>(c)شق (vii) ۾، "ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>دفعه 17 ۾، "صوبائي حڪومت" جتي به اچي "ڪمشنر" متبادل ٿيندو ۽ "اهو" لاءِ "هي" متبادل ٿيندو.<br>دفعه 19 ۾، لفظن "هوندو" ۽ "خلاف" وچ ۾ لفظ "ڪمشنر جي خلاف يا" شامل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ڪيا ويندا. |
| 1953 | XXVII | ڪراچي ضروري شيون (قيمت تي ضابطو ۽ ذخيره اندوزي) ايڪٽ، 1953 | سموري ايڪٽ ۾ سواءِ دفعہ 11 جي "صوبائي حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>دفعہ 2 ۾ شق (b) کان اڳ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:<br>"(a) 'ڪمشنر' مطلب ڪراچي ڊويزن جو ڪمشنر؛".<br>دفعہ 14 ۾ "اهو" لاءِ "هن کي" متبادل ٿيندو. |
| | | **سنڌ ايڪٽس ۽ آرڊيننسز** | |
| 1868 | II | سنڌ فيريز ايڪٽ، 1868 | دفعہ 17 ۾ لفظن "ڪو" ۽ "ڪليڪٽر" وچ ۾ "ڪمشنر" شامل ڪيو ويندو. |
| 1879 | VII | سنڌ آبپاشي | دفعہ 11 ۽ 57 ۾ |

سنڌ ايڪٽس ۽ آرڊيننسز
Sindh Acts and Ordinances

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ايڪٽ، 1879 | "روينيو ڪمشنر" لاءِ. دفعات 67، 91(2)(iii)، 92(6) ۽ 92_A(3) ۾ "صوبائي حڪومت" لاءِ ڪمشنر متبادل ٿيندو. دفعہ 92_A(3) ۾، "سنڌ لاءِ" کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1905 | I | سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905 | دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "3. دفعہ 12 جي گنجائشن موجب ڪمشنر پنهنجي ڊويزن جي حدن لاءِ ڪورٽ آف وارڊس هوندو: بشرطيڪ صوبائي حڪومت، جيڪڏهن اها مناسب سمجهي، سرڪاري گزيٽ ۾ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| نوٽيفڪيشن ذريعي:<br>(a)ڊويزن ۾ ڪمشنر بدران ڪورٽ آف وارڊس لاءِ خاص عملدار مقرر ڪري سگهي ٿي؛ يا<br>(b)هڪ ڊويزن لاءِ ڪمشنر ۽ ڪنهن ٻئي عملدار يا عملدارن تي مشتمل ڪورٽ آف وارڊس جوڙي سگهي ٿي؛ يا<br>(c)صوبي سنڌ جي ڪنهن بہ حصي لاءِ ڪنهن ٻئي عملدار يا عملدارن کي ڪورٽ آف وارڊس طور مقرر ڪري سگهي ٿي، ۽ هدايت ڪري سگهي ٿي تہ اهڙو حصو ڪنهن ڊويزن | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| جي ڪورٽ آف وارڊس جي دائره اختيار کان ٻاهر هوندو، جنهن ۾ اها مڪمل طور يا عارضي طور موجود هجي.<br>دفعه 43 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"43.(1) هر حڪم کان اپيل ٿي سگهندي، سواءِ هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي حڪم جي، پوءِ اهو اصل هجي يا اپيل تي هجي:<br>(a)جتي حڪم ڪمشنر جو آهي يا بورڊ آف روينيو جي دفعه 3 جي شرطيه بيان تحت مقرر ڪيل ڪنهن | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خاص يا ٻئي عملدار يا جوڙيل بورڊ جو حڪم هجي؛<br>(b)جتي حڪم ڪمشنر جي ڪليڪٽر جو هجي يا جتي اهڙي عملدار يا بورڊ کي اهڙي عملدار يا بورڊ تي دائره اختيار آهي؛ ۽<br>(c)ٻين سمورن معاملن ۾، ڪليڪٽر ڏانهن:<br>بشرطيڪ جتي اهڙو ڪو عملدار يا بورڊ ڪورٽ آف وارڊس طور مقرر ناهي ڪيو ويو ۽ حڪم هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي ڪورٽ آف وارڊس جي برابر ڪنهن | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| عملدار طرفان جاري ڪيو ويو آهي، صوبائي حڪومت هدايت ڪري سگهي ٿي ته اپيلون اهڙي عملدار يا بورڊ کي ڪيون وينديون.”. | | | |
| دفعه 1 جي ذيلي دفعه (2) ۾ لفظ “سنڌ” کانپوءِ لفظ “خيرپور ضلعي سميت” شامل ڪيا ويجن. | سنڌ مختيارڪارس ڪورٽس ايڪٽ، 1906 | II | 1906 |
| دفعه 45_B جي ذيلي دفعه (5) ۾، فل اسٽاپ کان اڳ لفظ “۽ ڪمشنر” شامل ڪيا ويندا. | سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 | I | 1915 |
| دفعه 59_P جي ذيلي دفعه (2) ۾، “بورڊ آف روينيو سنڌ” لاءِ “ڪمشنر” متبادل ٿيندو. | ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 | VII | 1925 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1947 | XLIX | سنڌ رورل ڪريڊٽ اينڊ لينڊ ٽرانسفر ايڪٽ، 1947 | دفعہ 26 ۾، "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>دفعہ 28 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"28.بورڊ آف روينيو يا ڪمشنر، ڪنهن اپيل تي اليو ۾ پيل فيصلو يا نظرثاني ۾ ڪارروائي ڪري سگهي ٿو، جيئن معاهلو هجي، ڪنهن حڪم تي عملدرآمد کي روڪي سگهي ٿو جنهن جي سلسلي ۾ اپيل ڪئي ڪئي اهي يا جنهن جي سللسي ۾ نظرثاني جي ڪارروائي ظاهر ٿئي ٿي.". |
| 1972 | II | سنڌ پيپلز | دفعہ 2 ۾، شق (9) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 | ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو: "(9_A) 'ڪمشنر' مطلب ڊويزن جي روينيو ايڊمنسٽريشن جو چيف آفيسر انچارج ۽ جنهن ۾ شامل آهي حڪومت طرفان هن آرڊيننس تحت ڪمشنر جا سمورا يا ڪي به ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ خاص طور تي مقرر ڪيل ڪو عملدار". دفعه 10 جي ذيلي دفعه (2) ۾، "ڪارپوريشن جي صورت ۾ ۽ ڪليڪٽر پيپلز ميونسپلٽي يا پيپلز ٽائون ڪميٽي جي صورت ۾" ختم |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ڪيا ويندا. دفعہ 40 جي ذيلي دفعہ (7) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(7) هڪ ڪائونسل، ڪنٽرولنگ اٿارٽي کي فراهم ڪندي: (a)مقرري، ملازمن جي برطرفي، ڊسچارج يا معطلي سميت ڪائونسل طرفان ورتل سمورا فيصلا؛ (b)ڪائونسل جون گڏجاڻيون ڪوٺائڻ کان اڳ سمورين گڏجاڻين جي ايجنڊا ۽ ورڪنگ پيپر جا نقل؛ ۽ (c)ڪائونسل جي سمورين گڏجاڻين جي منٽس جا نقل. (7_A)جتي ڪمشنر |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪنٽرولنگ اٿارٽي نہ آهي ذيلي دفعہ (7) تحت فراهم ڪيل معلومات ڪمشنر کي پڻ فراهم ڪئي ويندي.”<br>دفعہ 45 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ ۽ ڪاما ”وقت“ ۽ لفظ ”بيان ڪرڻ“ وچ ۾ لفظن ”ڪمشنر جي سفارشن تي“ شامل ڪيا ويندا؛ ۽<br>(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾ هيٺين اضافو ڪيو ويندو:<br>”(3) ڪائونسل ۾ پوسٽ پيدا ڪرڻ جي تجويز تي پيپلز لوڪل ڪائونسل ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ ماڻهن تي ذريعي ڀرتي ڪئي | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ويندي، جيڪو عمل ڪمشنر ذريعي گذاريو ويندو.". دفعه 48 ۾ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو: "(i) "بشرطيڪ قيام جي شيڊول ۾ تبديلي لاءِ ڪا تجويز ڪارپوريشن جي صورت ۾ ڪمشنر کان ۽ ڪنهن ٻي صورت ۾ ڪنٽرولنگ اٿارٽي ذريعي گذاري ويندي.". دفعه 49 ۾، ذيلي دفعه (2) ڪانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: "(3) ڪمشنر ڪائونسل جون |

| | | | |
|---|---|---|---|
| سرگرميون هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب آهن يا نہ اها جاچ لهڻ لاءِ ڪو ڪاغذ، دستاويز، رجسٽر يا رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهي حڪومت کي پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي سگهي ٿو.". دفعہ 63 ۾، ذيلي دفعہ (6) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(6) جيڪڏهن ڪو عملدار جنهن جي ذمي ڪائونسل طرفان فنڊس رکيا ويا آهن، منظور ڪيل سرگرمين کان وڌيڪ رقم خرچ ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | جيڪا منظور ڪئي وئي اهي يا بجيٽ ۾ فراهم ڪئي وئي آهي ته اهو اهڙي تجويز ڪنٽرولي اٿارٽي کي فيصلي لاءِ اماڻيندو ۽ جتي ڪنٽرولنگ اٿارٽي حڪومت آهي، ته تجويز ڪمشنر ذريعي اماڻي ويندي. دفعه 88 جي ذيلي دفعه (1) ۾ "ڪليڪٽر ڪردار ادا ڪندي" کي ختم ڪيو ويندو. دفعه 93 جي ذيلي دفعه (1) ۾ "ڪليڪٽر" لاءِ "ڊويزن جو ڪمشنر" متبادل ٿيندو. |
| | | اولهه پاڪستان | |

اولهه پاڪستان
ايڪٽس ۽ آرڊيننسز
West Pakistan Acts and Ordinances

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ايڪٽس ۽ آرڊيننسز | |
| 1956 | VI | اولهه پاڪستان عام شقون ايڪٽ، 1956 | دفعه 2 ۾، شق (16) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو: "(17) 'ڪمشنر' جو مطلب هوندو ڊويزن جي روينيو ۽ ايڊمنسٽريشن جو چيف آفيسر انچارج ۽ جنهن ۾ شامل هوندو اهڙي ڊويزن جو ايڊيشنل ڪمشنر.". |
| 1958 | XXVII | اولهه پاڪستان ويڪسينيشن آرڊيننس، 1958 | دفعه 3 ۾: (i) ذيلي دفعه (4) ۾، "حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. (ii) ذيلي دفعه (4) ۾، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: "(5) ڪمشنر هن دفعه تحت ايندڙ هر ڪيس جي رپورٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | حڪومت کي اماڻيندو ۽ حڪومت آرڊر کي مستقل ڪندي، نظرثاني ڪندي يا ٻيهر ترتيب ڏيندي، يا ان سلسلي ۾ ٻيو ڪو آرڊر جاري ڪندي جيڪو ڪمشنر ڪري پئي سگهيو.".<br>(iii)شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"بشرطيڪ ڊپٽي ڪمشنر يا ڪمشنر طرفان هن دفعہ تحت جاري ڪيل ڪو بہ آرڊر حڪومت طرفان تيستائين مستقل ڪيو، روائيز ڪيو يا ٻيهر ترتيب ڏنو نہ ويندو جيستائين اهڙي آرڊر خلاف |

| | | | |
|---|---|---|---|
| لوڪل اٿارٽي ڪي سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي.”. | | | |
| دفعہ 8 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي شرطيہ بيان ۾، ”حڪومت“ لاءِ ”ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. دفعہ 18 ۾: (i)ذيلي دفعہ (1) ۾، ”حڪومت“ لاءِ ”ڊويزن جو ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. (ii)ذيلي دفعہ (3) ۾، ”حڪومت“ لاءِ ”ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. دفعہ 19 ۾، ”حڪومت“ لاءِ ”ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، | اولھہ پاڪستان ڪنٽرول آف گونداز آرڊيننس، 1959 | XXXV | 1959 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | "حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. |
| 1960 | VI | اولهہ پاڪستان ڪنسوليڊيشن آف هولڊنگس آرڊيننس، 1960 | دفعہ 2 ۾، شق (c) ڪانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: "(d) 'ڪمشنر' مطلب ڊويزن جي روينيو ايڊمنسٽريشن جو چيف آفيسر انچارج ۽ جنهن ۾ شامل آهي ايڊيشن ڪمشنر ۽ ٻي ڪا آفيس جيڪا بورڊ آف روينيو طرفان هن آرڊيننس تحت ڪمشنر جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ بااختيار بڻائي وئي هجي.".<br>(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، "ڊي" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>(ii) ذيلي دفعہ (3) ۾، |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو.<br>(iii)ذيلي دفعہ (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(4) بورڊ آف روينيو ذيلي دفعہ (1) تحت طلب ڪيل ڪنهن معاملي جي صورت ۾ ۽ ڪمشنر ذيلي دفعہ (2) تحت طلب ڪيل ڪنهن معاملي جي صورت ۾ يا ان کي ذيلي دفعہ (3) رپورٽ ڪيل جي سلسلي ۾ اهڙو آرڊر پاس ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي. |
| 1960 | VII | اولهہ پاڪستان پيور فوڊ آرڊيننس، | دفعہ 35 ۾:<br>(i)ذيلي دفعہ (3) ۾، "حڪومت" لاءِ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. (ii)ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو: "(4) ڪمشنر هن دفعہ تحت ٿيندڙ هر ڪيس جي رپورٽ حڪومت کي جمع ڪرائيندو ۽ حڪمت آرڊر کي مستقل، روائيز يا ٻيهر ترتيب ڏيندي، يا ان سلسلي ۾ ٻيو ڪو آرڊر ڪندي جيڪو ڪمشنر ڪري پئي سگهيو."؛ (iii)شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "بشرطيڪ ڊپٽي ڪمشنر يا ڪمشنر طرفان هن دفعہ تحت جاري | 1960 | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ڪيل ڪو بہ آرڊر حڪومت طرفان اهڙي آرڊر خلاف ملوڪل اٿارٽي ڪي سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو ڏيڻ کانسواءِ مستقل ڪيو، روائيز ڪيو يا ٻيهر ترتيب ڏنو نہ ويندو.". |
| 1960 | XIV | اولهہ پاڪستان بينوويلنٽ فنڊ آرڊيننس، 1960 | دفعہ 6 ۾:<br>(i)ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (b) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:<br>"(c)هر ڊويزن لاءِ مئنيجمينٽ جو ڊويزنل بورڊ؛ ۽".<br>(ii)ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (b) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:<br>"(c)ڊويزنل بورڊ آف مئنيجمينٽ صوبائي بورڊ آف |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | مئنيجمينٽ (نان گزيٽيڊ) طرفان جاري ڪيل اهڙين هدايتن موجب پارٽ II سان سان لاڳاپيل معاملن سان منهن ڏيندو سواءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ نان گزيٽيڊ ملازمن جي ۽ خاص طور تي ان کي بورڊ طرفان ڪيل ايلوڪيشنز مان خرچ جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو ۽”. |
| 1960 | XXIV | اولهه پاڪستان مني ليندرز آرڊيننس، 1960 | دفعه 2 ۾، شق (d) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو: “(e) ‘ڪمشنر’ جنهن ۾ شامل آهي ايڊيشنل ڪمشنر يا حڪومت طرفان |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | هن آرڊيننس تحت ڪمشنر جون ذميواريون سرانجام ڏيڻ لاءِ خاص طور بااختيار بڻايل ٻيو ڪو عملدار“. دفعہ 8 ۾، ”ڊسٽرڪٽ جج“ لاءِ ”ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. |
| 1962 | VII | اولهہ پاڪستان روڊن تي ٽولس ۽ پليون آرڊيننس، 1962 | دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، ”حڪومت“ لاءِ ”ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. |
| 1962 | XXIX | اولهہ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 | دفعہ 8 ۾، ”حڪومت“ لاءِ ”ڪمشنر“ متبادل ٿيندو. |
| 1964 | XIX | اولهہ پاڪستان ضبط زمينون ڇڏائڻ ۽ اصل مالڪن کي واپسي ايڪٽ، 1964 | دفعہ 2 ۾، شق (b) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو: ”(c)‘ڪمشنر’ مطلب ڊويزن جو ڪمشنر جنهن ۾ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | زمين ضبط ٿيل آهي يا ان جو ڪو حصو واقع آهي، ۽ جنهن ۾ شامل هوندو بورڊ آف روينيو طرفان هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمشنر جون ذميواريون سرانجام ڏيڻ لاءِ خاص طور بااختيار بڻايل ڪو عملدار”؛<br>دفعات 14، 15 ۽ 16 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>“14.(1)جيستائين هن ايڪٽ ۾ ڪجهه ٻيو نه بيان ڪيو وڃي، ڪليڪٽر جي اصل آرڊر کان اپيل ڪمشنر ڏانهن ٿي سگهندي.<br>(2)جيستائين هن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ايڪٽ ۾ ڪجهه ٻيو نہ بيان ڪيو وڃي، ڪمشنر طرفان اپيل ۾ جاري ڪيل هر آرڊر کان بورڊ آف روينيو ۾ اپيل ڪري سگهبي يا هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ بنياد تي، يعني:<br>(a)قانون خلاف فيصلو يا لاڳو قانون خلاف استعمال؛<br>(b)فيصلو جيڪو قانون جو معاملو يا قانون جي استعمال جو معاملو طئي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هجي؛<br>(c)هن ايڪٽ يا وقتي طور لاڳو ٻئي ڪنهن قانون طرفان بيان ڪيل طريقي ۾ ڪا وڏي غلطي يا نقص، | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | جنهن ڪيس جي فيصلي ۾ ڪا غلطي يا نقص پيدا ٿيو هجي.<br>15.(1) بورڊ آف روينيو ڪنهن به وقت التوي هيٺ ڪنهن به ڪيس جو رڪارڊ يا ان جي ماتحت ڪنهن روينيو آفيسر طرفان نيڪال ڪيل مواد طلب ڪري سگهي ٿو.<br>(2)ڪمشنر پنهنجي ماتحت ڪنهن روينيو آفيسر وٽ پيل ڪنهن ڪيس يا نيڪال ڪيل ڪنهن ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿو.<br>(3)بورڊ آف روينيو ذيلي دفعه (1) تحت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | کو کيس طلب ڪرڻ جي صورت ۾ ۽ ڪمشنر طرفان ذيلي دفعہ (2) تحت ڪيس طلب ڪرڻ جي صورت ۾، اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي.<br>بشرطيڪ هن دفعہ تحت ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيڪو ڪنهن ڪارروائي يا سب آرڊينيٽ روينيو آفيسر جي حڪم سان ٽڪراءَ ۾ هجي ۽ نجي ماڻهن وچ ۾ ڪنهن سوال جي حق تي اثرانداز ٿيندو هجي، اهڙن ماڻهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ کو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| آرڊر جاري نہ ڪيو ويندو. 16.(1)دفعہ 14 تحت اپيل جي حد جو عرصو اهڙي تاريخ کان شروع ٿيندو جنهن تاريخ کان آرڊر خلاف اپيل ڪئي وئي هجي، ۽ اهو هوندو: (i)سٺ ڏينهن، جڏن اپيل ڪمشنر ڏانهن هجي. (ii)نوي ڏينهن، جڏهن اپيل بورڊ آف روينيو ڏانهن هجي. (2)هن دفعہ تحت اپيل جي حد جو عرصو ڳڻڻ لاءِ آرڊر جنهن خلاف اپيل ڪئي وئي آهي، ان جون نقل حاصل ڪرڻ واءِ درخواست واري | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | عرصي جو وقت نہ ڳڻيو ويندو. (3)لميٽيشن ايڪٽ، 1908 جي دفعہ 5 جون گنجائشون هن باب تحت اپيلن تي لاڳو ٿينديون. |
| 1964 | III | اولهہ پاڪستان غلام محمد بئراج بيٽرمينٽ ٽيڪس آرڊيننس، 1964 | دفعہ 7 ۾، "حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" ۽ "اهو" لاءِ "هي" متبادل ٿيندا. دفعہ 11 ۾، لفظ ۽ ڪاما "حڪومت،" ۽ لفظ "ڪليڪٽر" بہ دفعا ايندڙن وچ ۾، لفظ "ڪمشنر يا" شامل ڪيا ويندا. |
| 1967 | IX | اولهہ پاڪستان پٽ فيڊر ڪئنال (ضابطو ۽ زمين جي الائينيشن جو تحفظ) | دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "بورڊ آف روينيو" ۽ "ڪري سگهي ٿو" وچ ۾ لفظ "يا ڪمشنر" شامل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | آرڊيننس، 1967 | ڪيا ويندا. دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (4) ۾: (i)"دفعہ 6 تحت بورڊ آف روينيو" لاءِ "دفعہ 6 تحت ڪمشنر، يا دفعہ 7 تحت بورڊ آف روينيو طرفان نظرثاني ۾"؛ (ii)وضاحت ۾: (a)"دفعہ 6" لاءِ "دفعات 6 ۽ ۽" متبادل ٿيندا. (b)لفظ ۽ ڪاما "ٽربيونل،" ۽ لفظ "يا" وچ ۾ "ڪمشنر" شامل ڪيو ويندو. دفعہ 6 ۾، "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" ۽ "اهو" لاءِ "هي" متبادل ٿيندو. دفعہ 6 ڪانپوءِ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| هيٺيون شامل ڪيو ويندو: "7.بورڊ آف روينيو ڪري سگهي ٿو: (a)پنهنجي تحرڪ جي ڪنهن به وقت جاري ڪيل ڪنهن آرڊر يا هن آرڊيننس تحت ٽربيونل يا ڪمشنر طرفان ڪيل ڪنهن ڪارروائي سان لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪري يا جاچ ڪري سگهي ٿو پاڻ کي اهڙي آرڊر يا ڪارروائي جي قانونيت، ريگيولرٽي يا پروپرائيٽي لاءِ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهجي. | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (b)هن آرڊيننس تحت ڪمشنر طرفان ڪنهن ڪارروائي ۾ جاري ڪيل حڪم جي نوي ڏينهن اندر متاثر شخص طرفان ڪيل درخواست تي، اهڙي ڪارروائي جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجهي.”.<br>دفعہ 7_B ۾، “دفعہ 6” لاءِ “دفعات 6 ۽ 7(b)” متبادل ٿيندا.<br>دفعہ 8 ۾، لفظ ۽ ڪاما “ٽربيونل،” ۽ لفظ “يا” وچ ۾ “ڪمشنر” شامل | | | |

خيرپور ايڪٽس
Khairpur Acts

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ڪيو ويندو. دفعہ 9 ۾، لفظ ۽ ڪاما "بورڊ آف روينيو" ۽ لفظ "يا" وچ ۾ "ڪمشنر" شامل ڪيو ويندو. |
| 1970 | XIII | اولهہ پاڪستان اسٽيج ڪيريجز جي طلبي (عارضي اختيار) آرڊيننس، 1970 | سجي آرڊيننس ۾ "ضلعي ماجسٽريٽ" لاءِ "ڊپٽي ڪمشنر" متبادل ٿيندو. دفعہ 4 ۾ "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. |
| | | **خيرپور ايڪٽس** | |
| 1905 | III | خيرپور مئنيجمينٽ آف مائينرس پراپرٽي ايڪٽ، 1905 | دفعہ 2 ۾ "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. |
| 1954 | VI | خيرپور لائيو اسٽاڪ ڪنٽرول | دفعہ 8 ۾ "صوبائي حڪومت" لاءِ "ڪمشنر" متبادل |

پنجاب ايڪٽس
Punjab Acts

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ايڪٽ، 1954 | ٿيندو. |
| | | **پنجاب ايڪٽس** | |
| 1912 | V | ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ ليندس (پنجاب) ايڪٽ، 1912 | دفعہ 3 ۾، 'ڪليڪٽر' جي وصف ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو: "ڪمشنر" جنهن ۾ شامل آهي ورڊ آف روينيو طرفان هن ايڪٽ تحت ڪمشنر جا سمروا يا ڪي ڪم سرانجام ڏيڻ يا سمورا يا ڪي اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪو عملدار.". دفعہ 17 ۽ 19 ۾ "بورڊ آف روينيو" لاءِ "ڪمشنر" متبادل ٿيندو. دفعہ 19 ۾ "اهو" لاءِ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | “هي” متبادل ٽيندو. | |
| 1939 | V | ايگريڪلچرل پروڊيوس مارڪيٽس ايڪٽ، 1939 | دفعہ 6 ۾جي ذيلي دفعہ (3) ۾، “حڪومت” لاءِ “ڪمشنر” متبادل ٽيندو.<br>دفعہ 21_A جي ذيلي دفعہ (2) ۾، “حڪومت” لاءِ “ڪمشنر” متبادل ٽيندو.<br>دفعہ 32 ۾، “ڪو عملدار” لاءِ “ڪمشنر” متبادل ٽيندو. | |
| | | **اين ڊبليو ايف پي ايڪٽس** | | اين ڊبليو ايف پي ايڪٽس |
| 1950 | XXII | شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 | دفعات 10 ۽ 14 ۾، “صوبائي حڪومت” لاءِ “ڊويزن جو ڪمشنر” متبادل ٽيندو. | N.W.F.P Acts |
| | | **صدارتي حڪم** | | صدارتي حڪم |
| 1957 | 5 | ڪراچي | آرٽيڪل 5 ۾، شق | President’s |

Order

| | | | |
|---|---|---|---|
| (2) ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو: "(3) ڪمشنر، ڪراچي ڊويزن گورننگ باڊي جو ايڪس آفيشو چيئرمين هوندو.". آرٽيڪل 6 جي شق (1) ۾، "چيئرمين ۽" کي ختم ڪيو ويندو. آرٽيڪل 52 ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو: "52_A. (1) اٿارٽي حڪومت طرفان ڪنهن هائوسنگ اسڪيم جي فوري منظور يا تبديلي جي منظوري ڪانپوءِ، ڪمشنر ڪي سروي نمبرن، ايراضي ۽ روڊن، اسپتالن، اسڪولن، | ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| كاليجن، لائبريريز، راند جي ميدانن، باغن، پارڪن، ڪميونٽي سينٽرن، مسجدن، قبرستانن يا اهڙين ٻين مقصدن لاءِ مختص هر پلاٽ جي هنڌ جا تفصيل ڏيندي ۽ ڪمشنر اهڙا تفصيل سرڪاري گزيٽ ۾ ڇاٽائيندو.<br>(2)اٿارٽي يا هائوسنگ سوسائٽي ذيلي دفعه (1) ۾ ڇاٽايل مقصد لاءِ مختص ڪنهن پلاٽ جي استعمال ڪان اڳ ڪمشنر کي اهڙي پلاٽ جي ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ منتقلي لاءِ اپلاءِ ڪندا. | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (3) ڪمشنر ذيلي دفعہ (2) تحت درخواست ملڻ تي، عام عوام کان هڪ انگريزي ۽ هڪ وڏي مقامي روزاني اخبار ۾ نوٽيس ذريعي اعتراض طلب ڪندو جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪي نوٽيس شايع ٿيڻ يج 30 ڏينهن اندر ڪمشنر وٽ جمع ڪرايا ويندا.<br>(4) ڪمشنر ذيلي دفعہ (3) تحت مليل اعتراضن تي غور ڪرڻ کانپوءِ ۽ اهڙن ماڻهن کي ٻڌڻ کانپوءِ جيئن اهو ضروري سمجهي درخواست ۽ ٻين لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ حڪمن لاءِ | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | حڪومت کي پنهنجون سفارشون اماڻيندو. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**